

# ڪندن

( ناول )

مصنف :
الهڏو ڪاڪا

سنڌ ڪتاب گهر ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليکڪ جا سمورا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب : ڪندن (ناول)
ليکڪ : الهڏنو ڪاڪا
ڇاپو : پهريون تعداد : ٻه هزار
ڇاپي جو سال : اپريل ١٩٨٣ع
ٽائيٽل ڪور ڊزائين : قيوم منگي
ڇپيندڙ : واحد آرٽ پريس نزد فريئر مارڪيٽ ڪراچي ١
ڇپائيندڙ : ڪاڪا صديق، پاران : سنڌ ڪتاب گهر ڪراچي
پاران : ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ملهه : ويهه رپيا

Title : KUNDAN (Novel).
By : Allahdino KAKA.
Published by : Sindh Book House
Post Box : 6934 Karachi 2.
First Edition : April 1983.

Digitized by: M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ ڪتاب ارپيان ٿو سنڌ جي هڏ ڏوڪي،
سائين نورالدين سرڪي کي.

— الهڏنو ڪاڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جا وڏا ميرن جي حڪمرانيءَ وقت، ميرن وٽ ملازم هئا. ميرن جي ٻارن کي، فارسي ۽ عربي پڙهائيندا هئا. شايد انهيءَ ڪري آخوند سڏائڻ لڳا. جڏهن مير حڪمران نه رهيا ۽ سندن جاگيرون به کسجڻ لڳيون، تڏهن مير صاحبن منهنجي پڙڏاڏي آخوند الهه داد کي ٣٢ ايڪڙ زمين بخشيش ڏني، عزت ۽ احترام سان نوڪريءَ مان برخواست ڪري ڇڏيو. پوءِ اسان جو خاندان حيدرآباد کان نيڪ پنجاهه ميل اتر طرف، شاهي رستي پرسان پنهنجي زمين تي رهڻ لڳو. زمين جيتوڻيڪ تورڙي هئي ته به هنن جو روزگار صرف ٻني هئي. منهنجي ڏاڏي جو اولاد هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي هئي. منهنجو پيءُ وڏو هو. منهنجي ڏاڏي منهنجي پيءُ کي طب پڙهڻ لاءِ دهليءَ موڪليو. جيڪا ان وقت تمام وڏي ڳالهه هئي. دهليءَ ۾ والد صاحب طب نه پڙهي سگهيو. اتان هڪ هندو بنگالي دوست سان گڏ ڪلڪتي هليو ويو ۽ اتي وڃي هڪ ورڪشاپ ۾ مشينن ڏاهڻ جو ڪم سکيو. شايد اهو سندس دلپسند ڪم هو، هن ان ڪم ۾ چڱو نالو ڪڍيو ۽ فورمين بڻيو. جڏهن سکر بئراج جو ڪم سکر ۾ شروع ڪيو ويو، تڏهن انگريز سرڪار کيس ڪلڪتي مان بدلي ڪري سکر موڪليو. هو جڏهن سکر آيو، تڏهن کيس گهر کان ٻاهر وڃي، ٻارهن سال ٿي چڪا هئا. ان وچ ۾ ڏاڏا

مرحوم گذاري ويو هو. سکر ۾ هوئڻ ۾ ٻيا ٻه - چار انگريز آفيسر هئا، جن جي ذمي سکر بئراج جو ڪم هو. ليڪن انهن سڀني جو انچارج چيف انجنيئر مسٽر آرٿر برائون هو. بابا مرحوم کي ايماندار، محنتي ۽ ڪم جو چاڙو سمجهي، مسٽر برائون مٿس گهڻو مهربان هوندو هو. ڪيس چڱي ته پنهنجي پٽ وانگر ڀائيندو هو.

بابا جڏهن به ڪمڪار لاءِ چيف صاحب وٽ ويندو هو، تڏهن هن لاءِ هر وقت دروازا کايل هوندا هئا. ٻيا انگريز آفيسر به ڪنهن ڪم ڪار لاءِ بابا کي ئي موڪليندا هئا. مسٽر برائون تمام سخت طبيعت جو مالڪ هو، تنهن ڪري آفيسر ڪانئس لهرائيندا هئا. هوئڻ به مشينريءَ جي سلسلي ۾ بابا جو چيف صاحب سان هر وقت لهه وچڙ ۾ رهڻ ضروري هو، ڇاڪاڻ جو ڪوٺائيءَ جون سموريون مشينيون خواه موٽرگاڏيون بابا جي چارج ۾ هونديون هيون. سکر جي عارضي ڪئمپ ۾ برائون صاحب سان گڏ صرف سندس هڪ ڌيائي هئي. سندس ميم صاحبه فوت ٿي چڪي هئي.

اڪثر ڪري شام واري چانهه تي مسٽر برائون بابا کي اردلي موڪلي گهرائي وٺندو هو يا اڳواٽ ئي کيس دعوت ڏئي ڇڏيندو هو، پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بابا سان سائس ڪچهري هلندي هئي. جيئن ته هو هڪ پيرسن مڙس هو، دنيا جو ڪافي حصو گهمي ڏٺو هئائين، پيو بابا کي پنهنجا تجربا ٻڌائيندو هو. جيئن ته مسٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي حد تائين هڪ ٻئي کي چاهيو ٿا، تي سگهي ٿو ته توهان هڪ ٻئي سان شاديءَ ڪرڻ جا واعدا به ڪيا هجن. هلدا جي خوشي منهنجي خوشي آهي. آءٌ خود انهيءَ خيال جو آهيان ته هلدا پنهنجي پسند جي شادي ڪري ۽ هن وقت سندس عمر به اهڙي آهي، جو پنهنجي لاءِ چڱو ڀلو سمجھي سگهي ٿي. سندس ماءُ جي مرڻ کانپوءِ مون ڪيس دل ۽ من سان چاهيو آهي. سندس هر خواهش پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ۽ هر وقت پاڻ سان گڏ رکيو اٿمانس. سندس تعليم ۽ تربيت به مون پاڻ ڪئي آهي. تون به هڪ لائق محنتي ۽ سچار نوجوان آهين. ايشيائي ٿي ڪري به سهڻو آهين. ليڪن پٽ! مون زمانو ڏٺو آهي. تهذيبن، تمدنن ۽ ڪلچر جو اونهو مطالعو ڪيو آهي. سماج جي اوچ نيچ کي پليءَ پٽ سمجھي سگهان ٿو، توهان ٻنهي جي شادي ڪڏهين به ڪامياب ٿي نه سگهندي، بلڪ آءٌ ته ائين چوندس ته، ٻنهي جي شادي خودڪشيءَ مثال ٿيندي. آءٌ ڪڏهن به ائين نه چاهيندس ته منهنجي هوندي توهان ٻئي کا تڪليف ڏسو، هوءَ ته منهنجي پنهنجي ڌيءَ آهي، ليڪن تو لاءِ به منهنجي دل ۾ پنهنجي ٻچن جهڙو چاهه آهي، تون هڪ غريب ملازم آهين، تون خود فيصلو ڪر ته هلدا جنهن زندگيءَ ۾ پرورش پاتي آهي، سا، هن کي تون مهيا ڪري سگهين ٿو؟ اڃا به تون ڪو وڏو لئنڊ لارڊ يا دولتمند هجين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته به چئجي ته هلدا کي ڪجهه نه ڪجهه آسائش ملي سگهي ٿو. ٿو وٽ رهڻ سان هلدا پوسات محسوس ڪندي. هيءَ ڪا ايشيائي ڇوڪري نه آهي، جو هر ڳالهه کي رب جي رضا سمجهي صابر ۽ شاڪر رهي سگهي! پيارا، هلدا کي اها پوسات سگهو ئي ڪنهن مرض ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي، جنهن جو انجام هر حالت ۾ برو ٿيندو. هلدا کي انگريز آفيسرن جي ميل جول کان بچائڻ خاطر، آءٌ انهن آفيسرن کان ڪافي حد تائين ڪٽيل رهيس، ته ڪي ايشيائي سمجهي آءٌ اهو تصور به نٿي ڪري سگهيس ته ڪا هلدا تو ۾ دلچسپي وٺندي ليڪن تنهنجي وجاهت، خلوص ۽ وفا، هن کي تو ڏانهن مائل ڪري وڌو. سڀ کان وڏي ڳالهه اها هئي، جو گهڻو وقت گڏ رهڻ ڪري، توهان جا خيال پختا ٿيندا ويا. ان لاءِ آءٌ پاڻ کي توهان ٻنهي جو قصوروار سمجهان ٿو. مون کي ائين نه ڪرڻ کپندو هو. بهرحال توهان نوجوان آهيو، توهان جو رت گرم آهي، مون جو ڪجهه به چيو آهي، سو توهان کي بالڪل ڪونه وڻيو هوندو.

مسٽر آخوند! آءٌ خاص ڪري توکي ائين به چوندس ته آئينده هلدا سان تنهنجي ملڻ جي ڪابه خبر آءٌ نه ٻڌان. منهنجو خود به توتي اعتماد آهي، اميد اٿم ته اعتماد کي ڇيهو نه رسائيندين. جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو تيئن تيئن توهان جا جذبا ٿڌا ٿيندا ويندا. وقت خود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ مرهم آهي. آخرڪار توهان کي سڀ ڪجهه وسري ويندو."

آخرڪار بابا چيو ته: "مسٽر برائون! آءٌ ۽ مس هلڊا اجا تائين پاڪ ۽ صاف آهيون. توهان مون تي جيڪو اعتماد ڪيو آهي، ان ۾ مون ڪابه خيانت نه ڪئي آهي. باقي اسين ٻئي هن وقت اهڙيءَ لڪير تي بيٺل آهيون، جنهن تان واپس موٽڻ ناممڪن نه آهي ته مشڪل آهي. اسان جي شاديءَ کي جيڪڏهن توهان خودڪشي سمجهو ٿا ته آءٌ ائين چوندس ته جيڪڏهن اسان جي شادي نه ٿي ته زندگي تمام ڪا ڏکي گذرندي. تنهن هوندي به هيستائين توهان جيڪا منهنجي عزت ڪئي آهي، تنهن لاءِ توهان جو ٿورائتو آهيان. باقي توهان مون کي منع ڪئي آهي ته آءٌ توهان کي پنهنجو بزرگ ٿو سمجهان، ان ڪري آءٌ وعدو ٿو ڪريان ته پنهنجي طرفان هلڊا سان قطعي ڪونه ملندس!" گڏ نائيٽ چئي، جڏهن بابا اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن وقت مس هلڊا، هڪ ڪيهه ڪري صرف ايترو چيو ته ڊيڊي هيءُ ظلم آهي! ظلم آهي! آءٌ توهان کي ڪڏهن به معاف نه ڪنديس. آخوند منهنجو آهي، مون کان جدا ٿي نٿو سگهي، ائين چئي ڳوڙها ڳاڙيندي رهائشي ڪمرن ڏانهن هلي وئي ۽ بابا پڻ واپس هليو آيو.

جهڙيءَ طرح بابا جي مسٽر برائون وارن سان گهاٽائي پوري ڪئمپ ۾ موضوع بحث هئي، تهڙيءَ طرح جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ آئون. ڪتاب به هوڏانهن رهجي ويا هئا. سمهائي ۽ جو چاچا ماني کٺي آيو، سو ڪائي سمهي رهيس ۽ سگهو ئي ننڊ اچي وئي.

صبح جو سويري ئي اک کلي ويئي، رلهي منهن تان لاهي اکيون پٽي ئمڪايم ته ڏنار به اچي ويو، اچڻ شرط ويچارو گاهه کي جنبي ويو. مينهن اچا گاهه ڪاڏو ئي پٽي ته ڦر چوڙي مينهون ڏڏائين، چاچي وري به اچي ڀوڙي تي ويٺي. پر تي دفعا مونکي به نظر مان ڪيڍيائين، مون ۾ ايتري ته طاقت ڪانه هئي جو سڌو پيسڌو ڏانهس نهاريان، پر تيڏي اکين سان مون پٽي ڏٺو مانس.

چاچي جڏهن ڪير کٺي گهر ويئي تڏهن ڏنار مينهون چوڙيون ۽ چارڻ لاءِ ٻاهر ڪاهي ويو، مون به ڪٽ ڇڏي. پاڻيءَ جو گلاس ڀري منهن تي ڇنڊا هنيم، خميس جي پلاند سان اچا پوٽ اگهيم پٽي ته چاچي وٿاڻ ۾ آڏي ۽ وڏي طبل مان مونکي ڇياڻ ته پلا پڌ، ڪاهه ڪان لات صاحب بٺيو کٽ تي چڙهيو ويٺو آهين، ڪو ونواهه ۾ ويٺو آهين يا اسان توکي ستر ۾ ويهاريو آهي؟ اٿي، ٻاهوڙي کڻ، وٿاڻ جي صفائي ڪر، ڇيٽا ڇتا کٺي ڍير تي ڦٽا ڪر. ٿوريءَ دير ۾ آئون وري اچي ٿي جڪر هڻان، ڪک به پٽ تي ڏٺم ته تنهن جو خير نه آهي.

جڏهن چاچي هلي ويئي تڏهن پاڻئم اٿين ته جهڙو

سڏ ڪيائين ته محمود پٽ هيڏانهن اچ، آءٌ جيءَ سائين چئي وٽس ويس ته اٿي مونکي ڀاڪر پاتائين، ڪلهي تي هٿ رکي شاباس چيائين، ڪوٽ جي کيسي ۾ هٿ وجهي هڪ آنو خرچيءَ لاءِ ڏنائين ۽ چيائين ته پٽ ڪو فڪر نه ڪر، وقت جون گهڙيون آهن گذري وينديون. تنهن کان پوءِ مون سمجهيو ته هي سڀ مون ڏي چو نهاري رهيا آهن. اصل ۾ ڳوٺائو ماحول هو سڄي ڳوٺ کي خبر پئجي ويئي هئي ته منهنجو آسنانو تبديل ٿي ويو آهي ۽ جن وٽ رهان ٿو، اهي منهنجي لاءِ ڪيتري قدر گهٽگهرا آهن. سائين هڪ ڇوڪري کي موڪلي، منهنجا ڪتاب گهرائي ورتا، موڪل مهل پڇيائين ته تو کي چاچي اسڪول اچڻ کان روڪيو ته ڪونه هو. مون پوري ماجرا ٻڌائــي مانس. چيائن ته تون ڪو فڪر نه ڪر پٽ! تون اڳيئي هوشيار آهين، پنهنجي گهر جو ڪم ڪار ڪري ڪلاڪ اڌ لاءِ ٻه اسڪول ايندو ڪر، باقي آئون ويٺو آهيان ۽ ڪتاب هيڏانهن ڪر ته ميز جي خاني ۾ رکـي ڇڏيان، متان ڦاڙي نه ڏيني.

اسڪول مان موڪل ٿي ته سڌو گهر آيس ۽ وٺڻ ۾ اچي ليٽي پيس، چاچي ٻه ڪاڪن ڏي بيٺي هئي، سا ٻه ڏم ڪري اچي ڪڙڪي. چيائين ته ڀــلا! ڪري آئين پڙهائي، آئون ٻه ڏسان ته تون ڪيستائين ٿو پڙهين. توکي چاچهين جهليو ڪونه هو ته اسڪول

مونٽيون هڻي، تڏهن لعنت ڪري هلي ويئي. ڏينهن جو ماني وري به ڪانه ملي، ماني وري به رات جو نصيب ٿي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪم ۾ وڌيڪ واڌارو آيو، دالان ۽ صفي مان به ٻهارو ڪڍڻو پيو، ليڪن اسڪول وري به ويس، ۽ موت ۾ مار ۽ بک ٻئي نصيب ۾ هئا.

ٽئين ڏينهن ڪم ۾ اڃا به وڌيڪ واڌارو آيو، وٿاڻ جي صفائي ڪري گهر ٻهاريم. ٻهارو ڏيڻ اهڙو ڏکيو ڪم نه آهي، پر ڏينهن ۾ ٻي سمجهه ۾ اچي ويو، اڃا ٻهارو ختم ئي ڪيو هوم، ته چاچي ڪارو ٿانون جو ڍڳ آئي، چي: ٿانو صاف ڪر، صفا به اهڙا ڪر جو جرڪن. منجهائن منهن ڏسڻ ۾ اچي. چلهه مان ڇيڻي جي ڇار ڪڍي، اچي ٿانون کي مليم، خير جيئن تيئن ڪري ٿانون مان جند ڇڏايم، ليڪن دير ٿي ويئي. سوچيم ته هاڻي اسڪول وڃڻ فضول ٿيندو. راهه گناهه جو مار ملندي ۽ ماني به نه ملندي، سو اسڪول جي بدران جڏهن وٿاڻ ۾ ڪٽ، تي اچي ويٺس جيڪا جهڙي مون کي ڏاج ۾ ملي هئي. سگهو ئي چاچي ماني کڻي آئي چهري تي ڏاڍي رونق هيس، شايد مقصد ۾ ڪامياب ٿي هئي.

ٻئي ڏينهن موڪل هئي اسڪول بند هو، تنهن هوندي به سويري ئي گهر جي ڪم کي ڇهتي ويس، ڪالهوڪو سمورو ڪم ختم ڪيم. اڄ چاچيءَ نئين ايجاد ڪئي هئي، چي: ٿين جو ڪڻ ڇاڙهي ان ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٽو ڳوهڻ سيکاريو، پوءِ ماني به آءٌ پچائڻ لڳس. ڳنڍڻ کو گهر ۾ مهيني ماس چڙهندو هو، تنهن هوندي به آهستي آهستي بورچيخاني جو سمورو ڪم منهنجي مٿي ۾ لڳي ويو، ليڪن ڇوڪرين ٻنهي جي دلين ۾ مون لاءِ چاهت پيدا ٿي چڪي هئي، سي ماءُ جي منع ڪرڻ جي باوجود مون سان ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ لڳيون، شروع شروع ۾ ته لڪ چوريءَ ۾ پوءِ ته ماءُ جي سامهون به هر ڪم ۾ جُٽ هونديون هيون ۽ ٿورو گهڻو منهنجي طرفداريءَ ۾ ماءُ سان کهڻ به لڳيون، ٻهريائين ته چاچيءَ نينگرين تي سختي ڪئي، پر هو ڪو مون وانگر ڌارين جو اولاد نه هيون. آخر چاچي مجبور ٿي انهيءَ ڳالهه کي نظر انداز ڪرڻ لڳي. هاڻي منهنجي لاءِ وڏي سهوليت پيدا ٿي ويئي هئي. ٻنهي سوٽين جو مون سان خلوص وڌڻ لڳو ۽ هڪ ٻئي کان وڌيڪ مون کي چاهڻ لڳيون. منهنجي ڪومائيل دل جي مکڙيءَ ۾ نئون ساهه سرجڻ لڳو. گهر ۽ گهر جي هر شيءِ وڻڻ لڳي. رب تعاليٰ آهي، جيڪو حيلا ڪندو آهي تنهن لاءِ وسيلا به پيدا ڪندو آهي. بيشڪ هو عظيم آهي نه ته ڇا فرعون ڇا سندس فرعونيت يعني سندس سخت قاعدا ۽ قانون ۽ وري ڇا موسيٰ سندس ئي گهر ۾ پلجي. ڏينهن ٻن کان وٺي مون محسوس پئي ڪيو ته چاچي خوش ڏسڻ ۾ پئي آئي. آخر هڪ ڏينهن ساهل ٻڌايو ته ادا جن ناتال جي موڪل تي صبحاڻي اچن پيا، ۽ واقعي ٻئي ڏينهن ٻئي

همراه اچي ويا. مون کي اُٺ تڻ اها هجي ته هنن جو مڙن سان رويو الاجي ڪهڙو هوندو سگهو ٿي سوٽن جي منهن مان ٿي خبر پئجي ويئي ته هنن جو رويو به ماءُ جهڙو آهي، هڪ جو نه پر ٻنهي جو، ڪوشش اها ٿي ڪندا هئا ته ڪنهن ڪم ڪار لاءِ به مون کي منهن نه لڳائڻ.

پهريائين ته مون کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا. شايد کين اڳ ۾ خبر ڪانه هئي، هنن جي اچڻ کان پوءِ ماني چاچيءَ پاڻ پچائڻ لڳي.

ساهل ۽ پاڳل مون کان جدبون رهڻ لڳيون ۽ پاڙن کي چنبڙڻ لڳيون، جيڪا ڳالهه چاچيءَ لاءِ ته خوشيءَ جهڙي هئي، ليڪن مون لاءِ ڏکوئيندڙ هئي. اڪثر ڪري ٻئي پاڙ گهر ۾ ٿي هوندا هئا، پاڻ سان ڪافي ڪتاب کڻي آيا هئا. واندڪائيءَ وارو سارو ٽائيم ٻئي پاڙ جدا جدا ڪنن تي ڪتابن کي چهٽيا پيا هوندا هئا، جن مان پانيو پئي ته همراهن جو پڙهڻ سان چاه آهي. ڪڙي لٿي، منهن مهانڊي مان به نواب ٿي لڳا. پوري عرصي ۾ جيتوڻيڪ مون کي ڏناڻون ڪونه ته ڏکوياڻون به ڪونه آخر پندرهين ڏينهن واپس روانا ٿي ويا ۽ مون الاجي ڇو دل ۾ خوشيءَ جي لهر محسوس ڪئي، دل ۾ ڇيم ته خوش هجو پر ايذائهن هجو.

يوسف ۽ مبين جي وڃڻ کان پوءِ فضا وري معمول تي اچي ويئي. گنگا ساڳئي رخ سان وهڻ لڳي، بلڪل

وٽاڻ ۾ ڦهتاسون ته چاچو عبدالله حقو ٽيڪيو وٽاڻ ۾ ويٺو هو، چاچا مون سان گڏ هو. خوش خير عافيت کان پوءِ خبرون ٻڌايائينس ته هيءُ مال ۽ چوڪرو هتي تو وٽ رهندا. مال جي پارت اٿئي، ڪوشش ڪري مال کي صبحاڻي ئي ڏنيرائــي چڏجان، چوريءَ چڪاريءَ جو خيال ڪجانءِ. ٻه ــ ٽي ڪانگهاريون مينهون اٿئي، انهن جو کير مکڻ تنهنجي ٻلي آهي. چاچا عبدالله اٿي ماني پچائي، چاچا ته ڪانءُ ڪاڏي ۽ ويــو هليو، باقـي مون کي مکڻ سان گڏ ماکي ٻه ڏنائين جنهن سان مون ماني کاڌي. پوءِ لڳو ڪڇهري ڪرڻ ۽ پهلي ۾ مال ڪيئن چارجي ان بابت سمجهائڻ لڳو.

چاچو عبدالله ٻه عجيب ماڻهو هو، منهنجي لاءِ انوکي دريافت هو. ڪارو ڪٽ جهڙو، ڪارا وار ٻڱها، زالن جي وارن جيڏا، تن کي ورائــي ڪاري پٽڪي هيٺان ڏئي چڏيندو هو، ڪارا ڪپڙا پائيندو هو، اڇي ڪهاڙي هر وقت ڪلهي تي يا هٿ ۾ هوندي هيس. وٽاڻ ۾ اچڻ کان پوءِ ڪهاڙي کي مٿي پيهي ۾ ٽنگي چڏيندو هو. رات جو پاسي کان رکي سمهندو هـو، ڪهاڙيءَ جي ڳن کي رڱي ڪارو ڪندو هو. ڪاري رنگ سان دل هوندي هيس. وٽس ڪهاڙي اڇي، اکيون اڇيون، ڏنـد اڇا جهڙا کير، ۽ دل جو اڇو جـوان هو. ســون کي ٻهرين ڏينهن کان پنهنجي ٻچن جهڙو پائيندو هو. ڏکهو مڙس ڇهه فوت کن هو، پنجاه ــ پنجونجاه جي پيٽي ۾

گوڏن ڀر ڪيم ۽ جڏهن غور سان ڏانهنس نهاريم، تڏهن منهنجي ڪجهه نڪري ويئي. اها ساهل هئـي، منهنجو ساهه هئي. ٻانهن ۾ هٿ وجهي نبض ڏٺي مانس ته آهستي آهستي هلي پئي. متي کي ٿورو ڌوڏي چيو مانس ساهل تو هيءُ ڇا ڪيو، واقعي آءٌ ظالم آهيان، تنهنجو قاتل آهيان، بي غيرت آهيان، تو ته پنهنجي جان عذابن کان آجي ڪئي پر آئون بدنصيب ڪيڏانهن وڃان. ڪيس شايد ان وقت بيهوشي هئي ۽ ڪجهه پساهه هئس، اکيون کولي پهريائين مون کي ڏٺائين، پوءِ زبان چپن تي ڦيرائي، غمگين مسڪراهٽ سان مون کي چيائين ته ظالم! تون ڪتي آهين، منهن ڏيکارڻ به ڪونه آئين. اڃين ها ته هڪ ٻئي کان موڪلايون ها، بخشايون ها ........ اهو سڀ چڙائي چڙائي ساهين سان چيائين. هاڻي مون کي معاف ڪجان، پاڳل جـي پارت اٿئي. ائين چئي، هچڪيءَ سان اکيون هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيائين. چاچو عبدالله اڇڻ شرط ڪتن کـي ڇڏائڻ ۾ لڳي ويو، آخر بکرائين جي ڪتي کـي ڪهاڙين سان وڍي ڇڏيائين تنهن کان پوءِ بلغار به مئل ڪتي مان وات ڪڍيو، ۽ ٻئي ڪتا بگهڙ کي ڇنبڙي ويا ۽ منٿ ڪري ورتائونس. چاچو جڏهن مون وٽ آيو، تڏهن پڇائين ته ڇوڪري ڪير آهي؟ مون پوري ماجرا ٻڌايس. چيائين ته هاڻي دير نه ڪر جيسين ٻيا وٽاڻن وارا اچن تيسين تون لاش کي هتان ڪٽي نڪري وڃ. بگهڙن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو هيو، جو لڙيءَ آڏيءَ رات مهل ڪُوٺ جون مايون ڪنوار کي سينگاري شاديءَ جا نوان ڪپڙا پارائي، پڻ هڪ جيڏين سرتين سان هڪ ڪوٺيءَ ۾ چڙهي ويون هيون، ۽ پاڻ شاديءَ جي پڻ مشغولين ۽ ڳائڻ وڄائڻ ۾ رڌل هيون. پاڳل کي پڻ ڏينهن کان سخت بخار هو، مٿس دوا ڪو به اثر نه ڪري رهي هئي پڻ جي شاديءَ رات جو سندس طبيعت وڌيڪ خراب هئي، ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ بيهوشيءَ کان پڙي ٿي ويئي ۽ الاڳجي ڇا ڇا وڦلي رهي هئي. ان ڪري سندس ماءُ شاديءَ واري سڄي رات سندس ڏهل ڏکور ۾ لڳل هئي. ساهل سان گڏ ويٺل پڻ سرتيون سندس سورن کان نا واقف هيون، ساهل سائن هڪ لفظ به نه ڳالهايو هو، رڳو روئي رهي هئي. ان ڪري سرتيون ڪيس سمهاري پاڻ به پاسي کان سمهي رهيون، ڪين ننڊ ۾ غافل ٿيڻ جي ساهل گهر مان نڪري آئي هئي، گس پنڌ، ته مون کان اڳي ئي پڄي چڙيا هئائين.

صبح ايرڻي کان ڪلاڪ کن اڳ ۾، ڇوڪرين جي ڪا اک کلي پئي. ڪنوار کي موجود نه ڏسي، پهرين پاڻ ڳوليائون ۽ پوءِ ماڻس کي پڌايائون، جنهن به پهرين سڄي گهر کي پاڻ ٻوٽانديو، پوءِ ٻاهر ڪنهن ٻار کي موڪلي چاچا کي گهرايائين، ۽ ان وقت ٿي هو ٻاهر نڪري رهيو هو.

در مان ٻاهر نڪرڻ مهل سندس ڪنڌ هيٺ هو،

حق اڳاڙيندا آهن.

چاچي عبدالله وڏيڪ چيو ته: تون ڪا ڇوڪري ڪونه آهين ۽ نڪي معصوم ٻار آهين، هڏ ڪان اهڙا اٿئي جو هوند ڪهاڙي يا لوڙه ڪٺي اٿي پوين ته مڙسن جا ڦرهن جا ڦرها ڪيي ڇڏين، ۽ ڏڏن ڪسي اٿلائي ڇڏين. آءٌ تنهنجو نٽ ڪٽ وارو هلڻ ڏسي دل ۾ چوندو هوس ته تون ڪو شينهن مڙس آهين، پر اڄ خبر پئي ته تو ۾ ڪي به نه آهي. اڄ مون کي سچ اپرئي ڪان پوءِ ممڪ آئي ته مون کي ائين توکي ڳوٺ نه موڪلڻ کپندو هو، متان تنهنجو چاچو ۽ سوٽ جوش ۾ اچي تو سان الجهي نه پون، ان ڪري سگهوئي آءٌ تنهنجي پونواري ۾ نڪري پيس، شايد تون ڳوٺ مان ٻئي پاسي ڪان نڪتين ۽ آءٌ ٻئي پاسي ڪان داخل ٿيس. مونکي عبدالڪريم مليو هو، توهان جي گهر جو ماڻهو آهي، مون کي پوري ڪٿا ٻڌائــي اٿس، تو سان واقعي ظلم ٿيل آهي. شايد اهوئي سبب آهي، جــو نندي هوندي کان ئي هو تو تي قابض رهيا آهن ۽ تنهن جي حشمت مارجي ويئي آهي. تنهـن هوندي به همت ڪر، غاصب هميشه بي همٿن سان غضب ڪندا آهن، پـر مار پکيءَ ۾ ڪجهه به نه هوندو آهي، هو صرف پنهنجي پرن سان سان زوڪي وارو آواز پيدا ڪري، ٻچڙن پکيـن ڪان سندن ماريل شڪار کسي وڃي کائيندو آهـي، ليڪن هو باز ڪان ته سندس شڪار کسي ونـي؟ باز سندس

تنهنجي رنگ ۽ جسماني بيهڪ پڻ مونکي حيران ڪيو ان ڪري مون تو بابت پڇا ڳاڇا ڪئي، واقعي تنهن جي چاچي تو سان انتهائي ظالماڻو سلوڪ ڪيو آهي، اگر تون چاهين ته توکي چاچهين کان تنهنجي حق وٺي ڏيڻ لاءِ آئون هر ممڪن مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، تو مونکي ڪافي متاثر ڪيو آهي، ان ڪري تو سان مدد ڪرڻ ۾ خوشي حاصل ڪندس.

”نه، تنهنجي مهرباني اهو چاچا جو ۽ منهنجو گهرو معاملو آهي، تنهنکي في الحال آءٌ نبيرڻ نٿو چاهيان. آءٌ اڪيلو سر آهيان، منهنجون ضرورتون به ٿوريون آهن، تنهنکان سواءِ منهنجي خيال ۾ ته اجا حالتون اهڙيون آهن، جو انهيءَ مسئلي کي اجا نه ڇيڙيو وڃي ته بهتر آهي. جيڪڏهن وقت جي اهڙي تقاضا ٿي به ته، مون کي الله ۾ ڪامل يقين آهي ته جيڪڏهن مون کي صدمن سهڻ لاءِ صبر ڏنو اٿس، ته پنهنجي حق حاصل ڪرڻ لاءِ ايتري طاقت به ڏيندو، جو پنهنجي سر پنهنجي ٻانهن جي زور تي پنهنجو ورثو حاصل ڪري سگهان.“

مون ڏي نهاري ڏکهو ساهه کڻي چيائين ته اهڙي ساڳي آج جيڪڏهن ڪنهن به ٻئي ماڻهوءَ کي ڪريان ته هوند خوشيءَ ۾ ڪونه ماپي ها، ليڪن تون عجيب ماڻهو آهين، اڃا تون نوجوان آهين ۽ رت گرم اٿئي، انهيءَ ڪري انهيءَ ڳالهه کي اهميت ڪونه ٿو ڏين، موقعي مان فائدو وٺڻ گهرجي. اها ئي عملي زندگي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو ته ”ٻتڻ تي“.

”ڀاڻوٽ واري ٻتڻ تي“

مون چيو ”ها“.

”ڀلا ڏي خبر چاچا ڪلهه ماني ٻه ڪاڏي اٿئي يا نه؟“ مون پڇيومانس.

نه ڙي ابا! مانيءَ جو ڪنهن کي هوش آ؟! هتي ته جو ڪجهه هو، سو ٻري سڙي ويو. ٻاهر آءٌ ٻه ڪوته ونس. اول ته هڙي قيامت ۾ ڪنهن کي ٿي ماني ياد پوي! تنهن کان پوءِ مون کي ته تنهنجو فڪر هو، رات واقعي پيهيءَ تي مون کي، اڍين نه چوڻ ڪپندو هو. خدانخواسته اڄ توکي ڪجهه ٿي وڃي ها ته پاڻ تي سڄي عمر ملامت ڪيان ها.“ ائين چئي مون کي وڏو ڀاڪر پاتائين.

اسين اڃان انهيءَ ڳالهين ۾ هياسون ته ٻهي تي گاڏين جو آواز ٿيو. چاچي چيو ته ابا! پوليس اچي پئي آءٌ وڃي تو مال جي ڪيان، رات کان جيڏن تاهه ڪاڏو اتن، تيڏن اڃان ڏور ٻه ڪوته آيو آهي، وڃي تو تالو ڪري گڏ ڪريان، الائي گگدام کهڙي حال ۾ هوندا ۽ تون پوليس کي منهن ڏي. ائين چئي پاڻ ٻيلي ۾ پهري ويو.

وٿاڻ جي سامهون ٻهي تي پوليس جون گاڏيون قطار ۾ اچي بيهي رهيون. سڀ کان اڳ ۾ جيڪا جيپ هئي تنهن مان انسپيڪٽر عبدالرب وڏي شان ۾ فوجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وياسون، اڄ جنهن ڳالهه جي ڪمي هئي جنهن مونکي ٻهاڻ ٻيچين ڪيو، سي هيون چاچا عبدالله جون ٻينون، جيڪي وٿاڻ ۾ سڙي ويون هيون، گهڙي گهڙي، چاچي ڏي نهاري سندس منهن تي انهيءَ ڳالهه جو تاثر ٿي ڏٺو ليڪن سندس منهن مان ڪا به خبر نه ٿي پئي. ڏوپه ڪري ٻس ڪيوسون، ته واڙن جا در ڪليا، مال قطار ناهي هڪ ٻئي پٺيان ٻيلي ۾ ٻهري پئي ويو، ايرندي پاسي کان گهوڙي جي سنبن جو دبڙاٽ ٿيو لوٺو وراڻي ڏٺم ته منهنجو سؤنٽ مبين هو. اکيون رتول منهن ٽاندڻ جهڙو ڳاڙهو هوس. گهوڙي هٽڪاٽ ڪري اڳيئن سنب سان ٻڪليون اڇليون تنهن تي مال ٺاه ڪاٽو ۽ ڪجهه ڏور واپس واڙن ۾ موٽي آيا، تنهن تي چاچي عبدالله چيس ته گهوڙي کي ٿورو پري ڪري جهل ته مال پهري وڃي پوءِ حال ڪريون ٿا، همراه يڪدم سنڌ ڏئي ڪٽي ور مان روالور ڪڍيو، چيائين پوڙها آءٌ ٻيهڻ لاءِ ڪونه آيو آهيان آءٌ اوهان ٻنهي جو موت آهيان. اهو تون ڏي آهين جنهن جي سيڪارڻ ۽ شهه تي هيءُ ذليل اسان شريفن جي عزتن سان کيڏندو وتي. هن ۾ ايتري جرئت ڪٿي هئي ڪيڙي ۽ ماڪوڙي جيتري طاقت، به ڪانه هيس اڄ هن ٻيو دفعو اسانجي عزت تي حملو ڪيو آ. ايتري ۾ سندس ٻيءُ يعني سون وارو چاچو شفيع محمد به اچي، ويو ۽ گهوڙو گهوڙي سان ملائي ٻهي رهيو، سندس ڊونالي بندوق سندس هٿن ۾ هئي. سندس

وانگر وڃي ۽ ڏکر تي پيو. پنهنجي همراه ٻئي هٿ وجهي منهنجي ٽنگ کي ڇڪيو، ٽنگ وانڪي هئي، انهيءَ کري زمين تي ٻيهي نه سگهيس، ۽ منهن ڀر ڪري پيس. کهاڙيءَ واري همراه کي موقعو مليو ويو مون اچا اٿڻ واري تي ڪئي ته همراه هڪڙو ڏک مٿي ۾ کهاڙيءَ ڪان هٽي ڪيو. پٽڪو نهن جا تهه وڃي وڃي پري پيو، مٿان اڻ ورائتو بيو ڏک کهاڙيءَ جو لڳو، تنهن تي رت تونوري ڪندو پري وڃي پيو ۽ ڪجهه رت وارن مان سيما ڪري اکين تائين ڳڙي آيو. سگهو ئي ذهن ۾ ڏنڌ وڪوڙي ويو ۽ سڄي دماغ ۾ اونده ڇانئجي ويئي. جڏهن هوش ۾ آيس ان وقت منهنجو ڪنڌ نميل هو، آهستي ڪنڌ کي مٿي ڪيم، منهن ۽ ڇاتي پاڻيءَ سان پنل هئا، شايد پاڻي جا ڇنڊا هڻي هوش ۾ آندو هئائون. منهنجون ٻئي ٻانهون هڪ ٻئي جي وڻ جي جدا جدا ڏارن سان ٻڌل هيون، اکيون پٽي ماحول جو جائزو ورتم ته معلوم ٿيو ته ٻيلي ۾ آهيون. اونده ٿي چڪي هئي تنهن هوندي به معلوم ٿيو ٿي ته اجا رات ٿئي گهڻو وقت نه ٿيو آهي. مون کي هوش ۾ ايندو ڏسي هڪڙي همراه ٻئي جي آلين ٽلهڙن مان هڪڙي ٽلهڙ کڻي ۽ تي زور سان پٺن تي وهائي ڇپائين ته ڏي خبر! وڏيري شفيع محمد جي ڇوڪري ڪٿي؟ مون ڪيس ڪوبه جواب نه ڏنو. تنهن تي وڌيڪ ٽچرجي پيو، چيائين:

آخر شروعات چاچي ڪئي. هڪل ڪري چيائينس:
”اڄ وري ڪهڙي خيال سان نڪتو آهين.“
چيائين: ”خاصخيلي! پاڻهن ڏي.“
چاچي چيس: ”توهين ماڻهن جو الهہ تلهہ ڪايو وينا آهيو، تڪي جي چوڪري نٿا سهساهي سگهو.“
”هون!“ همراه ڪنگهڪار ڪري گلو صاف ڪيو.
تنهن ڪانپوء چيائين: ”معنيٰ چوڪري آهي، پر ڏين نٿو!“
تنهن تي چاچي ورايس تہ ”ها، ڪالهہ تائين چوڪري ڪانہ هئي، پر اڄ آهي، مگر ملندؤ مور ڪانہ!“
آءٌ تيسين سرڪي چاچي جي پر ۾ اچي ٻيٺس، منهنجي سڄي نظر مٿين جي منهن ۽ روالور تي هئي. سندس روالور جو رخ مون ڏي هو، پر جڏهن ”ملنديؤ مور ڪانہ“ وارا لفظ همراه پڌا تڏهن يڪدم روالور کي ڌورو مٿي ڪري نشان چاچي عبدالله کي ڪيائين مون يڪدم چاچي کي ٻنهي هٿن سان ڌيلهو ڏنو، صفا انهيءَ وقت فائر ٿيو. چاچو عبدالله اوچتو ڪلهي پر وڃي ڪريو، گولي ضايع ٿي ويئي. صبح جو ٽائيم هو ريوالور جي فائر تي مال ۾ ٽاڪ-وڙو پئجي ويو. ٻيلي جو مال ايترو ڏڪاءُ ڪٿي ٿو سهي سگهي. جنهن ڊور جو جتي رخ هو اتاهين ڊيهوڙا ڪاڍي، واڙا ڦاڙي ٻاهر نڪتو. هيڪاندا ڊور هٿا، تن ۾ ٽرٽلو ڏسي زميندار ي گهوڙو بہ سرڪش ٿي ٻيٺو همراه گهٽو ڏي زور لائي اگهيان لغام جي تڏ ڏئي جهليس، پر گهوڙو نہ بيٺو،

محسوس ڪيو آهي ته توهان مون کي انهيءَ پيار سان ڪونه ٿا ڏسو، جيئن اڳ ڏسندا هوا. انهيءَ ڪري اڄ سڄو ڏينهن آءٌ فڪرمند رهيو آهيان، جيڪڏهن نرس ڪجهه واهيات ٻڌو ڪيو به آهي ته به آءٌ اهڙو ڪريل نه آهيان، توهان ڊاڪٽر آهيو، آءٌ مريض آهيان، مريض هميشه ڊاڪٽر جي همدردي جو محتاج رهيو آهي، سو مون ٿان همدرديءَ جو هٿ نه ڪڍو، توهان مون مسڪين جا قوت چيئيا آهن ۽ آءٌ پاڻ هڪ ڏکويل انسان آهيان آءٌ وعدو ٿو ڪريان ته توهان جهڙي محسن سان ڪڏهن به ويساه گهاتي نه ڪندس. آءٌ پانيان ٿـو ته منهنجي انهن لفظن ڊاڪٽر جي هانءَ تي ٺڏو چنبو هنيو. بيٺل ڊاڪٽر ڪرسي چڪي ويهي رهيو. گهڻي دير مون ڏي گهوري نهارڻ کان پوءِ مون کـي چيائين ته منهنجي دماغ ۾ واقعي اهو تاثر هو ليڪن هاڻي نه آهي. تون هڪ حسين نوجوان آهين ان ڪري شريفان هوش وڃائي ويٺي آهي.

ٻئي ڏينهن هالا سب جيل ٿان پوليس جو هڪڙو نئون جٿو آيو جيڪو مون کي هالا اسپتال مان سينٽرل جيل حيدرآباد وٺي آيو. شايد اڏين ڊاڪٽر ئي ڪيو هو حالانڪ آءٌ پوري طرح ٺيڪ نه ٿيو هوس. ليڪن منهنجي قسمت ڏي اهڙي هئي جو هتي وري ٻـي مسئلي منهن ڪڍيو هو. تنهن ڪري مون کي ڊاڪٽر وڏيڪ اسپتال ۾ ترسائڻ پسند نه ڪيو.

مڙس سڪرنڊ ڏي آيا ته وات ني ٻنهي جو وري جهڳڙو ٿي پيو. علي احمد زال کي ڪيرائي خوف مان سندس نڙيءَ ۾ اهڙا هٿ وڌا جو مائي ڦٿڪي ڦٿڪي مري وئي. انهيءَ خون ۾ ويچارو سزا ڪاٽي رهيو هو. پڙهيل هو ان ڪري هتي جيل ۾ منشي هو. مون تي نظر پيس ته وڌي آيو ۽ پاڪر پائي مليو. پڇيائين ته مون کي خبر ته پئجي چڪي آهي، پر هي ٻه – ٽي ڏينهن ڪٿي هئين؟ سب جيل ۾ هئين؟ مون چيو اسپتال ۾ هوس. علي احمد ڪوشش ڪري مون کي انهيءَ ڏينهن ئي اسپتال ۾ داخل ڪرايو جتي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ڦٽ چٽي ويا ۽ آءٌ ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويس.

جيل ۾ مون جهڙا هزارين اپاڳا واڙيل هئا. منجهس سنڌ جي قريب هر علائقي جا ماڻهو هوا، انهيءَ ڪري هر علائقي جي خبر جيل ۾ پوندي رهندي هئي ڀانت ڀانت جا ماڻهو هوا. جيل جو مون غور سان ابياس ڪيو ۽ گهڻو ئي تجربو حاصل ڪيو. ڪيترين ئي نيون نيون ۽ عجيب عجيب ڳالهيون معلوم ٿيون، جن جي مون کي اڳ ۾ ڪا خبر ڪانه هئي جيل ۾ رڳو چور، ڌاڙيوال يا خوني نه هوا پر هر فن جا ماڻهو ۽ هر انداز فڪر جا ماڻهو هوا. ڪي ماڻهو ته اڻ پڙهيل هوندي به پنهنجي زندگيءَ جي وڏي تجربي ۽ دانائي سبب عالمن کان ڪنهن به طرح گهٽ نه هوا. جيل جي اندر قيدين جي هڪ ڪورٽ ٺهيل هئي جنهن ۾

قتل ڪري ڀاڻهن ڏٺين ڪي ڏناڻون، دادوءَ کان ڦيڏي سينٽرل جيل ۾ آيا تن به مون کي ٻڌايو ته عبدالله مانجهند جي پرسان پيلي ۾ ڦبيءَ نالي ڳوٺ ۾ رهيل هو، جنهن ڪيس خون ڪري ڀاڻهن ڀاڳيا وٺي ويا. چاچي عبدالله جي قتل جو مون کي تمام گهڻو ڏک ٿيو. مرحوم جا مون تي لکين احسان هئا. هو منهنجو سڀ ڪجهه ته ڪونه هو، ليڪن مون تي سدائين مهربان رهيو.

ويندي آخر ۾ منهنجي سام تي سر قربان ڪري ويو، الاجي ڇو انهيءَ خبر ٻڌڻ کان پوءِ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ ماٺ لڳي وئي. چاچي عبدالله جي روپوشي واري وقت ۾ جيڪا جسم ۾ چرڙ ۽ جولاني هئي، سا ختم ٿي وئي. انهيءَ دم دل ۾ وعدو ڪيم ته چاچي عبدالله جو پلاند ضرور وٺندس.

هاڻي منهنجو ڪيس هليو پئي هر مهيني شنوائي هوندي هئي. چاچي شفيع محمد جو ڪيس تي گهڻو زور هو. منهنجو صرف اهو معمولي سرڪاري وڪيل هو. جيئن ته ڪيس ۾ ڪا جان ڪانه هئي ان ڪري ڪورٽ ۾ ڪو گهڻو بحث مباحثو ڪونه ٿيو. ڪابه مڪمل ثابتي يا شاهدي مون تي ڪانه هئي. ان ڪري ڪورٽ سگهوريءَ انيزءَ شنوائيءَ تي مون کي باعزت آزاد ڪري ڇڏيو.

ڪورٽ ته مون کي آزاد ڪري ڇڏيو. ارڙهن مهنا جيل ۾ رهڻ کان پوءِ موڪل ملي هئي، ليڪن مون

وٺ ته سر لڪائڻ لاءِ جڳهه ڪانه هئي. منهنجي لاءِ هاڻي اهو وڏو مسئلو هو ته نئين سري کان زندگي شروع ڪريان ته ڪيئن ڪريان ۽ ڪٿان ڪريان. هونئن ته منهنجو به اباڻو ڳوٺ هو، ليڪن ان ڳوٺ ۾ گهڙڻ به مون لاءِ نا ممڪن هو. چاچي عبدالله جهڙي مڙس جو سهارو سو به هن وقت مون لاءِ ميسر نه هو. باقي وڃان سو ڪيڏانهن وڃان ۽ رهان سو ڪٿي رهان! انهيءَ چڪتاڻ ۾ اها رات حيدرآباد شهر ۾ هڪ هوٽل تي رهي پيس، ٻئي ڏينهن لاريءَ ۾ چڙهي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيس ۽ سڌو خاصخيلين جي ڳوٺ آيس. سندن اوطاقڙيءَ ۾ به ٽي چڙا ويٺا هئا. جن ۾ قبول به هو، هن سان چاچي عبدالله جي عذر خواهي ڪيم. ننگ لاءِ به رپيا ڪيدي اڳيان رکيم ته همراه جواب ڏنو ته اسان کي مرشد سائين جي منع ٿيل آهي. ان ڪري اسين مجبور آهيون ۽ اسان جو تو سان ڪوبه تعلق واسطو نه آهي. هاڻي تازو شفيع محمد ۽ اسان جو پير صاحب فيصلو ڪيو آهي جنهن ۾ شفيع محمد اسان کي خون جو ڏنڊ ڀري ڏنو آهي، ان ۾ اهو به شرط هو ته اسان جو تو سان ڪوبه واسطو نه رهندو. ان ڪري مهرباني ڪري اسان کي معاف ڪر. آءٌ تڏو شوڪارو ڀري ٿوري دير ويهي رهيس. آخر قبول کان پڇيم ته چاچو عبدالله ڪٿي دفن ڪيو اٿو. جنهن ڇيو ته ڪيس اتاهين ڪٺائي آيا هئاسون ۽ هتي ئي پنهنجي مقام ۾ پوريو اٿئون. ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونه هو. آخر اهو فيصلو ڪيم ته جيڪڏهن زندگي بچائڻي آهي ته آءٌ پاڻ پيشقدمي ڪري، دشمن تي اوچتو ۽ ترت حملو ڪري ڪيس ختم ڪري ڇڏيان. چاچي جي مرڻ کان پوءِ باقي هڪڙو سوٽ يوسف وڃي رهندو سو شهر ۾ ٿو رهي ۽ ڪيس مرڻ ۽ مارائڻ سان ڪو واسطو ۽ تجربو به نه آهي. چاچا جا ٻيا زميندار دوست هيئڙ ته سندس ٻانهن ٻيلي ۽ ساٿي آهن ليڪن سندس مئي کان پوءِ ٽڙي پکڙي ويندا ۽ سندن مون سان ڪا ذاتي دشمني به نه آهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو فاضل پيچو منهنجي خير خبر پڇڻ ۽ ملڻ لاءِ اسپتال ۾ آيو. هن کي ڏسڻ سان مون واري رت مڪمل ڏسڻ ۾ آئي. سوچيم تـه جيڪڏهن آءٌ اسپتال مان رات جو اٿي، وڃي دشمن کي ماري ۽ وري رات پيٽ ۾ اچي اسپتال ۾ سمهي پوان ته ڪيس ۾ پوليس ۽ پاڳيا مون تي ڪيترو به شڪ ڪن ليڪن ڪنهن کي به اعتبار ڪونه ايندو. هرڪو مون کي زخمي ۽ چچريل ڏسي ائين چوندو تـه رات جي پيٽ ۾ هيترو پنڌ ڪري خون ڪري اسپتال ۾ اچي سمهڻ ناممڪن آهي، پوليس ۽ پاڳيا ته ڇا پر هرڪ دوکي ۾ اچي ويندو. تنهن کان سواءِ ڊاڪٽر، نرس ۽ ٻيو اسپتال جو عملو به شاهدي ڏيندو ته آءٌ اسپتال ۾ هوس. جيڪڏهن پوليس تڪڙ ڪري يا ڪنهن دٻاءَ هيٺ اچي مون کي چالان به ڪيو ته ڪورٽ مان آسانيءَ سان

داخل ٿيو. دڪايل سگريٽ هٿ ۾ هوس. صوبيدار شايد نئون هو منهنجو اڳ ۾ ڏٺل ڪونه هو. پنج هٿيو هڪ قدآور جوان هو. بيٺي پير سرسري طور منهنجو جائزو ورتائين، مون اکيون ٽمڪائي نماڻائيءَ سان ان ڏانهن نهاريو پوءِ سگهوئي اکين جو رخ ڪمريءَ جي ڇت ڏي ڪري ڇڏيم صوبيدار وڌيڪ نه ترسيو. سگريٽ جي دونهين جا ٻه ٽي ڪڪر ناهي، ڪمري ۾ پکيڙي بيٺي پير هليو ويو ته دروازي تي هڪڙو سنتري رائفل سان بت ٻڌجي ڊيوٽي تي بيهي رهيو.

گذريل ٻن پهرن واري گهٽيل ماحول جي بنسبت هينئر اسپتال ۾ جهڙو طوفان اچي چڪو هو. موٽرن ۽ گاڏين جي اچ وڃ ٽانگن ۽ زميندارن جي گهوڙن جون هڻڪارون هر گهڙيءَ وڌنديون ٿي ويون. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڊاڪٽر سان گڏ ٽي پوليس آفيسر ڪمري ۾ گهڙي آيا، جن مان هڪڙو هالا ٿاڻي جو صوبيدار ۽ ساڻن ڊي. ايس. پي هالا جو هو. جيئن ته ڪمرو سوڙهو هو ان ڪري ٻن سپاهين ڪي سڏ ڪري چيائون ته منهنجي بيڊ کي ڪيڏي ورانڊي ۾ رکن. ورانڊي ۾ منهنجي بستري جي پرسان ٽئي پوليس آفيسر ڪرسيون وجهي مون کان خون بابت پڇا ڪرڻ لڳا.

ڊاڪٽر ڪانئن موڪلائي لاش پوسٽ مارٽم ڪرڻ لاءِ وڃي چڪو هو. اسپتال جو ورانڊو جافريءَ تي ٺهيل هو. ورانڊي جا پنج وڏا ۽ گول دروازا ٻه جافري

چڙدي هئي، ويندي اوت موت جا منهنجا پير به ميڻهن جي ڪٽين ڊاهي چڙيا هئا.

حقيقت ۾ پوليس کي مون کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڊاڪٽر ۽ اسپتال جي ٻئي عملي کان ڪرڻ کپندي هئي، سو ڪم شايد بعد ۾ ڪرڻ لاءِ تاري رکيو هئائون ته جيئن ڊاڪٽر پوسٽ مارٽم مان واندو ٿي اچي. منهنجي زندگيءَ يا موت، ڏوهيءَ يا بي ڏوهيءَ جو سمورو دارومدار شريفان ۽ ڊاڪٽر تي رکيل هو. اهي ٻئي مصيبت پوڻ شايد هڪ ٻئي جي تاڙ ۾ لڳي آيا هئا. اڃا اهو خدا جو شڪر هو جو ڳالهه هتن تائين محدود هئي. منهنجي تلاش يا ڳولا لاءِ اسپتال جي چوڪيدار يا عملي جي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کان نه پڇيو هئائون نه ته هينئر آڏون ڪنهن ڪنهن جو وات بند ڪيان ها.

اوچتو ورانڊي جي در تي بينل سنتريءَ ڪاشن پڪاريو. رائفلن جو بٽ زور سان زمين تي هڻي هڪڙي پير جي لانگ بوٽ جو زمين تي زوردار آواز ڪرائي رڙ ڪري چيائين: اٽينشن، اسٽينڊ اپ! ڪرسين تي ويٺل پوليس جا ٽئي عملدار يڪدم ڪرسيون ڇڏي اٿي بيٺا. تيسين ٻاهر بيٺل گاڏيءَ سان پوليس جا ٻه آفيسر اندر ورانڊي ۾ گهڙي آيا. ڊي- ايس پي صاحب سلوٽ پڪاريو، ٽنهي گڏجي زمين سان بوٽ کڙڪائي صاحب کي سلوٽ ڪيو. ٻاهران آيلن کي مون جڏهن غور سان ڏٺو ته انهن ۾ هڪڙو انسپيڪٽر عبدالرب به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ هو ۽ نہ ڪو منهنجو ڏي فضول خرچ هو. ليڪن پنهنجي موروثي ملڪيت کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون مختيار ڪار صاحب جي ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو هو. ان تي وڪيلن جي فيس سميت گهڻو خرچ ٿي آيو. جيئن تہ منهنجي ڊيوٽي رات جو گشت ڪرڻ هئي. ان ڪري ڪا خاص اپت ۽ اپراسو بہ نہ هو. ان ڪري پئسن ۾ تنگ دست ۽ لاچار هوس.

مون گوٺ ڏورو گهڻو وڃڻ شروع ڪيو هو. هاڻي نہ مون کي موت جو خوف هو ۽ نہ خطرو. چاچي شفيع محمد جي مرڻ ڪانپوءِ يوسف لاڏڻ ڏي تبديل ڪري ڇڏي هئي. پيءُ صورت ۾ هيئن ڪٿي چئجي تہ مون واري تقويٰ پوري صحيح ثابت ٿي، يوسف ۾ وڙهڻ يا مرڻ مارائڻ نہ هو. منهنجي چاچي جيڪا وڏي ظالم ۽ ستمگر هئي، تنهن جو هاڻ مڙس ۽ پٽ جي مارجي وڃڻ ڪانپوءِ دماغ صحيح نہ هئو. مڪمل چري ٿي چڪي هئي. ڪيترائي دفعا جهنگ مان وٺي آيا هئس. اڪثر ڪري ٻڌي پئي هوندي هئي. انهن ڏي تيندو آهي. ظالم ۾ ظلم سهڻ جي طاقت نہ هوندي آهي. اهو مظلوم ٿي ويچارو هوندو آهي، جيڪو ايڏي چير ڦاڙ کي منهن ڏو ڏئي.

جيئن تہ زمين جي ڪاٺ ۾ منهنجي پيءُ کي بي اولاد فوتي ڏيکاريو ويو هو. سو مختيارڪار جي ڪورٽ ۾ شاهدن وسيلي آءٌ ثابت ڪري چڪو هوس تہ آءٌ پنهنجي

بت ۾ سيءُ پنهنجي ويو. چيومانس تہ حافظ تون فڪر نہ ڪر. حيدرآباد هل اتي آئون تنهنجي خدمت ڪندس آءٌ اڪيلو ٿو رهان. ماني الله جي آهي. پهرين توکي ڪارائيندس، پوءِ آءٌ. حافظ اعتبار نہ ڪري. چي: رکو مونکان گاڏيءَ جو ٽائم ٿو وڃائين. هينئر مون کي تازو ماريو اٿن. سو ڪاوڙ آهي. پر جي گاڏي هلي ويئي تہ پوءِ ڪاوڙ لهي ويندي، پوءِ ڪڏهن بہ خود ڪشي نہ ٿيندي ۽ سدائين سور سهندو رهندس. آخر مون کيس پانهن مان ورتو. ريل مٿي روڊ تي آياسون. بس آئي ان ۾ چڙهي کيس حيدرآباد وٺي آيس، ان وقت منهنجي رهائش پڪي قلعي جي اولهہ طرف استيشن ڏانهن ويندڙ روڊ جي پر ۾ هئي. کيس هٿ منهن ڌئاري، ماني کارايم ويچارو ڏاڍيون دعائون ڪرڻ لڳو. آءٌ تہ ڊيوٽي تي يا شهر ۾ گهمڻ ڦرڻ بہ هليو ويندو هوس. ليڪن هيءُ غريب ڪيڏانهن وڃي؟ ڪوارٽر جهڙي جڳهہ ۾ اڪيلو ڏي ويٺو هوندو هو. آخر ٽن ڏينهن ڪانپوءِ چيائين تہ ابا محمود هتي پيا سڪ سيپ آهن. ليڪن ڪا ڳالهائڻ واري پهر نہ آهي. وقت نٿو گذري، ڏکو ٿي ٿو پوي. منهنجي دل مان ٿهڪ نڪري ويو. حافظ منهنجي مقصد ڏي اچي رهيو هو. ٻئي ڏينهن حافظ کي ماني نيرن جي کارائي پانهن مان وٺي قلعي جي دروازي وٽ هڪڙي بجليءَ جي ٿنڀي جي ٽيڪ ڏياري ويهاري آيس، ۽ چيومانس تہ هتي ويٺو ماڻهن، لارين، گاڏين جا آواز ٻڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بغير اجهي وارا ماڻهو جيڪي سردي، گرمي يا برسات
جي موسمن جي سٽ نہ سهي سگهندا هئا ۽ بي يارو
مددگار مري ويندا هئا. اهي مونکي هٿي ڏيندا هئا.
گهڻي وقت کان وٺي منهنجي رات جو گشت جي
ڊيوٽي ريلوي اسٽيشن جي ايريا ۾ هئي. ان ڪري اتي
جي هر قسم جي ماڻهن سان چاڻ سڃاڻ ۽ واقفڪاري
هئي . انهيءَ ڪري ڪو بہ اهڙو فوتي حادثو ٿيندو هو
تہ مون کي ڪيترن ئي ذريعن سان اڳوات اطلاع ملي
ويندو هو ۽ ٿاڻي وارا بہ فوتيءَ جو لاش منهنجي هٿان
پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال موڪليندا هئا. ڇو جو
اهڙو ڪم ڪرڻ لاءِ ڪو بہ سپاهي تيار نہ هوندو هو ۽
نہ ان وقت ڪي والينٽئر يا ايمبولنس گاڏيون هونديون
هيون. آءٌ چا ڪندو هوس ، جو چار مالشي جيڪي
رات جو انهيءَ اسٽيشن جي حد ۾ ماڻهن جي مالش
ڪندا هئا، تن کي هٿ ڪندو هوس. جيڪي مون سان
جهڙو هڪ قسم جا ياڻيوار هئا، پوءِ جيڪڏهن فوتيءَ
جو لاش اسٽيشن تي هوندو هو تہ اتاهين مالشين کان
کڻائي حبيب يا زميندار هوٽل جي پر ۾ رکرائي ان
جي مٿان ڪپڙو رکي هر لنگهندڙ کان مالشي اپيل
ڪندا هئا تہ هيءُ لاوارث مسڪين مري ويو آهي. هن
جي ڪفن دفن لاءِ ڪجهہ امداد ڪريو. اهڙي نموني
سان اتان پئسا گڏ ڪري، وري لاش کي قلعي جي
دروازي وٽ رکي ڪنگلا مالشي، خدا جو خوف ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڊرائيور ۽ هڪڙو بورچي هئو . پوليس جي گاڏي ڏسي ڊرائيور بس بيهاري ، بس جي پنيان ننڍي ضلع جي جيپ هئي. اها به بيٺي ان مان صوبيدار لهي آيو، اسان واري صوبيدار سان مليو ضروري ڪاغذن تي صحيح وٺي گاڏي موڙي واپس وريا ۽ ويا هليا. صوبيدار صاحب ڊرائيور سان ٿورو ڳالهايو. پوءِ پوليس جي گاڏي اڳيان ٿي، بس پويان ٿي، سڌو اچي راڻيءَ باغ جي سرڪٽ هائوس ۾ پهتاسون. بس مان سامان لاهي اتي رکيو ويو. بورچيءَ کي مانيءَ لاءِ چئي سيئي ڇوڪريون بس ۾ ويٺيون. جيئن ته بس جو ڊرائيور حيدرآباد کان اڻ واقف هو. سو پوليس جي گاڏي سندس رهنمائي ۾ اڳيان هئي. جڏهن پڪي قلعي جي دروازي وٽ پهتاسون ته گاڏيون روڪي سڀ لهي پياسون. ڇوڪريون ٽولين جي صورت ۾ ڪئمرائن سان فوٽو گرافي ڪرڻ ۽ پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳيون. کين پوري قلعي جو سير ڪرايو ويو . اتان تي ميرن ۽ ڪلهوڙن جا قبا ڏسڻ هليون . تنهن کانپوءِ کيسانو موري ۽ ٽنڊو ڄام فارم ڏسڻ لاءِ شهر ڇڏي ٻاهر نڪري آياسون. جڏهن ڇوڪريون ٽنڊي ڄام فارمن جي کليءَ فضا ۾ گهمي رهيون هيون ته مون محسوس ڪيو ته پنجن ڇهن ڇوڪرين جو ٽولو مون ڏانهن ٽيڏين اکين سان ڏسي رهيو آهي ۽ پاڻ ۾ ڪجهه پڻ پڻ به ڪري رهيون آهن. اتان تي جڏهن کيساني موريءَ تي آياسون ته ڇوڪرين جي بس، سنڌن منجهند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيو. منهنجيءَ جاء تي ورتل سپاهي ساڻس گڏ هو، تنهن کي اتي قيدين جي انچارج جي حوالي ڪيائين ۽ مون کي چيائين ته تون مون سان گڏ ڇوڪرين واريءَ ڊيوٽي تي هل ۽ وڏيڪ ڇوڻ لڳو ته مون وڏيڪ ڏچي کان بچڻ لاء تنهنجي ڊيوٽي بدلائي هئي، ڇاڪاڻ ته ڇوڪرين جو سمورو توجهه تو ڏانهن آهي، پوءِ ۽ ڇتّرون به ٿيون ڪن، متان بي مزائي ٿي پوي، تنهن کان ڊنس ٿــي، ليڪن ڇوڪريون پڙ ڪڏي بيٺيون آهن، منجهن جيڪا وڏيڪ شرارتڻ آهي، منهنجي خيال ۾ ته نالو به نسرين اٿس، تنهــن ٽيليفون ڪري صاحب وڏي سان ڳالهايو آهي. سو صاحب مون کي حڪم ڪيو آهي ته توکي پاڻ سان گــڏ ڊيوٽي تــي رکان، سو هتان جــو هتان هليو هل.

سچ پڇو ته مون نٿي چاهيو، انهــيءَ ڊيوٽيءَ کان آئون پاڻ بيزار هئس. ليڪن آرڊر از آرڊر، سور مرندي ساڻس روانو ٿي ويس. آئون جڏهن صوبيدار سان گڏ ريسٽ هائوس تي پهتس ته ڇوڪريون ڊيهوڙا ڪائي اندران نڪري آيون. جهڙو ڪو وڏو قلعو فتح ڪيو هجين، سو سڀ ٽهڪڙا ڏيڻ لڳيون ۽ پوءِ يڪدم بس ۾ سوار ٿيون. ميرن ۽ ڪلهوڙن جي قبن تــي گهمڻ لاء بس شهر ڏانهن روانــي ٿــي. پوليس پڪ اپ سندن سربراهيءَ ۾ اڳيان هئي، ها! ڇوڪرين بدمعاشي ڪري مونکي پڪ اپ ۾ بالڪل پويان ڪري ويهارايو ۽ بس ۾ فرنٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پسند جي شادي ڪجانءِ. ڪالهه توکي ڏسڻ شرط مون ائين محسوس ڪيو ته جنهن ماڻهوءَ جي مون کي تلاش هئي، اهو تون ئي آهين. مون ڊاڪٽريءَ جو امتحان ڏئي ڇڏيو آهي ۽ پڪ اٿم ته پاس ٿي ويندس منهنجو پيءُ توهان واري ڪاتي جو وڏو آفيسر آهي. آئون سندن اڪيلي اولاد آهيان. آئون توکي يقين ٿي ڏياريان ته تون رکيو هائو ڪر، باقي سڀ ڪم مون تي، جيڪڏهن چاهين ته هيمنر جو هيمنر هتان هليو هل، مون سندس انهيءَ سوال کي به هڪ جذباتي ڇوڪري جي وات مان نڪتل لفظ سمجهي، رد ڪري ڇڏيو. صوبيدار جيڪو انهيءَ وقت به منهنجي پر ۾ بيٺو هو، سو حيرت مان نسرين کي ڏسڻ لڳو.

ڇوڪرين جي بس ريسٽ هائوس مان سندن سامان کڻڻ لاءِ وڃي چڪي هئي. ڇوڪرين کي هتان ئي بس ۾ سوار ٿيڻو هو ۽ هتان ئي ڪراچيءَ وڃڻو هون. نسرين مسلسل ڳالهائيندي رهي. جيئن جيئن وقت گذرندو ٿي ويو، تيئن تيئن سندس تقاضائون وڌنديون ٿي ويون، آخر التجائن تي لهي آئي ۽ منٿون ڪرڻ لڳي. منهنجو ڪيس اهو ئو ڪتو جواب هو. بس کي پري کان ايندو ڏسي سندس منهن کي مايوسي وڪوڙي ويئي، سو منهنجي بالڪل سامهون اچي ڪلهي تي هٿ رکي ۽ اکين ۾ پاڻي ڪري چوڻ لڳي ته ظالم آئون عورت ذات ٿي ڪري، توکي ڪڏهن کان منٿون ڪري رهي آهيان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويهندو هوس.

جيئن ته آءٌ اڳي ئي پڌائي چڪو آهيان ته مون اسٽيشن ايريا ۾ گهڻو وقت رات جي گشت جي ڊيوٽي، ڪئي هئي ان ڪري اسٽيشن جي پسگردائي وارا فقير ۽ پينو فقيراڻيون منهنجون واقف هيون. منهنجي اها عادت رهي آ، جو آئون هيٺئين طبقي سان يڪدم رلي ملي ويندو آهيان، شايد اهو ان ڪري جو مون کي وڏن ماڻهن يعني دولتمندن سدائين ڏک ۽ ڏنيپ ڏنا ۽ غريب خلوص ۽ آسيس ڏني. اڄ به منهنجي صاحبن کان وڌيڪ سنڌن پنيوالن سان نيازمندي هوندي آهي. انهيءَ ئي منهنجي، سڀاءَ ڪري فقير منهنجي هوٽل تي ماني کائڻ ۽ ويهڻ لڳا. نوڪرن کي منهنجي سختيءَ سان هدايت هئي ته فقراءَ سان سهڻي نموني پيش اچن. نوڪر وري کهڙا هئا، اهي به انهيءَ قبيح جا چار ڇوڪرا هئا، جن کي ماني ۽ صرف اجهو کپندو هو. فقير منهنجيءَ ترغيب تي پنهنجا پئسا پنجڙ مون وٽ امانت رکڻ لڳا. ڪڏهن ڪنهن کي ڪپ پوندو هو ته ڪٽي به ويندو هو. نه ته فقير جو پئسن سان ڇا. اٿين آهستي آهستي فقيرن جو مون ۾ اعتماد ٿيندو ويو. ٿوري ئي عرصي ۾ ڪراچي کان پشاور تائين گاڏين ۾ سفر ڪندڙ فقيرن جو آءٌ بينڪر تي ويس. سنڌن پئسن جي مڪمل حساب ڪتاب لاءِ رجسٽر رکيا ويا.

سوين فقيرن جا هزارين رپيا جمع ٿيندا هئا، پئسا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي رات اڌ رهي، وري هليا ويندا هئا. منهنجو ڇوڪرن کي چيل هو ته ڪائنن مانيءَ جا پئسا به گهٽ مان گهٽ وٺن. اهڙيءَ طرح پئسي جي معاملي ۾ آئون ڪڏهن به تنگ دست نه رهيس.

هڪ ڏينهن آفيس ۾ سينگاپور مان ٽيليگرام آيو، جيڪو ڪنهن وڪيل صاحب طرفان هو. جنهن ۾ ڄاڻايل هو ته تنهن جو نانو گذاري ويو آهي، ٽئين ڏينهن سينگاپور کان آيل هڪ ليٽر مليو، جنهن ۾ ساڳئي وڪيل ڄاڻايو ته مسٽر براؤن وصيت ۾ تو کي پنهنجو وارث تحرير ڪيو آهي، سو مهرباني ڪري هتي اچي ملڪيت کي سنڀاليندا يا وڌيڪ حڪم ڏيندا. جواب ۾ مون لکيو مانس ته توتي اعتبار آهي، پراپرٽي کپائي پئسا موڪلي ڏي. هتان بئنڪ جو اڪائونٽ نمبر موڪلي ڏنومانس. ٽن مهينن ۾ پئسا اچي ويا، جيڪي منهن جي خواب خيال ۾ به ڪونه هئا. وڏي رقم هئي. منهنجي توقع کان تمام گهڻي. سگهوئي پوءِ مون هوٽل بند ڪري ڇڏيو. فقيرن کي رقم واپس ڪري ڇڏيم. انهيءَ وچ ۾ جيڪي مري ويا هئا، تن جا پئسا به فقيرن ۾ ورهائي حساب بي باڪ ڪري ڇڏيم.

هڪ ڏينهن شام جو وڪيل صاحب جي آفيس ۾ ڪيس جي خبر چار لهڻ لاءِ سنڌس آفيس ۾ ويس، ٻڌايائين ته تنهنجي ڪيس جو فيصلو ٿيڻ وارو آهي، فيصلو تنهنجي حق ۾ پيو ٿئي، انهيءَ ڪري هن ڏر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وڪيل ڪيس مان گهٽي نقصان کان بچڻ خاطر شنوايون وٺي رهيو آهي. ڪالهه منهنجي آفيس ۾ هتي هلي آيو هو. چيو اٿس ته سندس پارٽي توسان ناهه ڪرڻ چاهي ٿي، سو جيڪڏهن تون چاهين ته راضي نامون ٿي سگهي ٿو. ۽ تون پنهن جا شرط پيش ڪر. مون چيو مانس ته شرط وري ڪهڙا مون ڪي پنهنجي والد صاحب واري زمين ۽ ڏاڏائي ملڪيت مان اڌ ڏين باقي انهيءَ جي اپت جيڪا سالن جا سال کاڌي اٿن ان تان مون هٿ کنيو. انهيءَ ڳالهه تي يوسف به راضي ٿي ويو. ملڪيت ورهائي وئي، کاتن جا ڪاغذ مڪمل ڪيا ويا. تنهن کان پوءِ ٻنهي ڌرين جي وڪيلن گڏجي ڪورٽ ۾ راضي نامي لاءِ درخواست ڏني، جيڪا ڪورٽ سڳوريءَ منظور ڪئي اهڙيءَ طرح سالن جو هلندڙ ڪيس پڄاڻيءَ تي پهتو. مون پنهنجي سر زمين تي سڌ سماءَ لاءِ ماڻهو مقرر ڪيا ۽ آئون نوڪريءَ ۾ ٺي لڳو رهيس.

جيئن ته آءٌ بي. اي. ايل. بي. هوس، انهيءَ ڪري مون کي جلد به جلد مختلف ٽرينگن تي موڪليو ويو، جتان ڪورس پاس ڪندو آيس ته پروموشن ٿيندي ويئي. اهڙيءَ طرح ترقي ڪندو سگهو ئي صوبيدار بڻجي ويس ۽ مختلف ضلعن ۾ مختلف ٿاڻن تي بدلي ٿيندي رهي. جيئن ته مون وٽ ملڪيت گهٽي هئي، ۽ ڏاڏ واري زندگي گذري رهي هئي، رشوت قطعي نه وٺندو هوس ۽ جيئن ته مون خود غربت واري زندگي گذاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ تيار هوس ۽ نه وڏيڪ ڪجهه ٻڌڻ لاءِ جيڪو ڪجهه ٻڌي ٿي نه پيو ان سان ڇا ڳالهايان، اڃان مون ڪجهه سوچيو پي ته پاڻ گهر هليو ويو.

انهيءَ ڏي شام جو مون ڳـوٺ جا ڪجهه ساهيتا ماڻهو گڏ ڪيا. انهن کي ويهي سڄي ماجرا سمجهايم. هن وقت آڏون اهو يتيم نه هوس. جنهن کي معمولي ماڻهو به نظر انداز ڪري ڇڏي. اڄ منهنجو جڳ ساڻاري ۽ راڄ سلامي هئا. سيئي ماڻهن منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌي. چاچو عبدالڪريم به انهن ۾ شامل هو. مون کين چيو ته آءٌ اوهان راڄ جي ميار لاهڻ آيو آهيان، متان ائين نه چئو ته اسان سان به ڳالهائين ها. ۽ آڏون ساڻس به ڳالهائي آيو آهيان. متان ائين چوي ته مون کي روبرو چونه چيائين مون کي شادي ڪرڻي آ، اتاهين ڪرڻي آ، هر حال ۾ ڪرڻي آ........

اوهان کي منهنجو عرض آهي ته سڀ گڏجي وڃي ڳالهايوس يا جدا جدا چئوس، پر ايترو ضرور چئوس ته جهيڙو خراب آ: اڳي ڇا مليو اٿئي جو هاڻي ملندئي. آءٌ مڃان ٿو ته مـون ساڻن به ڏيي ڳالهه ڪئي هئي، راڄوندي‍ءَ ۾ ائين ڪونه ڳالهائبو آهي، هڪ پوليس جو صوبيدار ته ائين ڳالهائي سگهي ٿو، پر راڄ جو ماڻهو ڀائي برادريءَ ۾ ائين نه ڳالهائيندو آهي، ليڪن انهيءَ راڄ تي منهنجون به ٻاهيون هيون، ڇا مـون تي ظلم ڪونه ٿيا هئا؟ جيڪڏهن ٿيا هئا ته هن راڄ مون يتيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽ تي ليٽي ڪتاب پئي پڙهيم ته نوڪر اچي ٻڌايو ته سامهون واري ڊاڪٽرياڻي ۽ ان سان گڏ هڪ ٻي به عورت آهي توهان سان ملڻ ٿيون چاهين، مونسان ...... . ڇو؟

حيرت مان پڇيو مانس. خبر نه آهي سائين توهان سان ٿي ملڻ چاهين ٿيون توهان جي نالي جي به خبر اٿن، توهان جو نالو وٺي ڇيو اٿن ته محمود صاحب سان ملڻو آهي. ڪمال آ! ...... مون سان ملڻ ٿيون چاهين مون ساڳيائي لفظ وري دهرايا. پوليس جي نوڪري هئي هر ڳالهه کان چرڪڻو پيو ٿي سو نوڪر اچان جواب لاءِ وات پٽيو ڏي مس هو ته آئون اٿي دروازي تي پهچي ويس ڊاڪٽرياڻي ۽ ان سان گڏ ڪير آ. ڪين چتائي نهارڻ لڳس حافظي تي گهڻو ئي زور ڏنم ليڪن ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. جيئن ته مون رکي زندگي گذاري هئي ڪنهن به غير عورت سان ڪنهن به قسم جي واقفيت ٿي نه هئي ان ڪري ساڳيءَ حيرت ۾ قائل هوس محمود صاحب مون کي توهان سان گهڻو ڪجهه ڳالهائڻو آهي ڇا گهر ۾ اندر ڳالهائڻ مناسب نه ٿيندو؟ ڊاڪٽرياڻي سان گڏ آيل عورت ڳالهايو. هاڻي ڪيس سڃاڻي چڪو هوس. دروازي تان هٽي بيٺس اندر اچڻ جو ڪين اشارو ڪري اچي ڪرسي تي ويهاريو مان، آئون سامهون کٽ تي ويٺس، وري غور سان ڏانهن نهاري مون دماغ ۾ پڪ ڪئي ۽ سنجيده ٿي ڪائنس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽي ٿي وسارڻ جي ڪوشش ڪئي ليڪن ناڪام ويس. گهڻائي سهارا ڳوليم ليڪن ڪوبہ جٽادار ثابت نہ ٿيو. هيءَ دل نادان توکان سواءِ ڪنهن بہ ٻيءَ شيءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. آخر شادي بہ ڪيم پر دل کي قرار نہ آيو. سو مڙس کي ڪڏهوڪو ڇڏي ڏنم. منهنجي اها حالت ڏسي والد صاحب جي دل گذريل سال ٽٽي پئي ۽ مري ويو. منهنجيءَ ماءَ جي حالت اها آهي جو نڪو مٺان سان گڏ ۽ نہ جيئرن ۾ شمار هاڻي آڏون فيصلو ڪري ڪراچيءَ مان نڪتي آهيان يا تہ هتي توسان گڏرهنديس يا تہ پنهنجو انت آڻي ڇڏيندس نوڪر چانهہ ٺاهي آيو، هڪ هڪ ڪوپ سيني جي اڳيان رکي جڏهين وڃي چڪو تہ مون ڳالهائڻ شروع ڪيو. نسرين مون کي حيرت آهي تون پڙهيل ڪڙهيل ٿي ڪري بہ اهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين. جيڪي ڪنهن جاهل ماڻهوءَ کي ڪرڻ گهرجن دل، دل نادان، دل جي ڪري مجبور آهيان. اهي تہ دماغ جي خلل جون ڳالهيون آهن. منهنجي اڳيان دنيا جا ڪيترائي مثال آهن، تہ مرد خواهہ عورتون ڪيترو ئي هڪ ٻئي سان پيار ڪندا هئا، پر جڏهن سندن ميلاپ پاڻ ۾ ڪونہ ٿيو ۽ ڪٽي ٻئي هنڌ پرڻجي ويا تہ هو اتي ئي پريي ويا پوءِ تون ڇو دل کي مٽي جو سور بڻايو، اجان تائين پاڻ سان گڏ کڻيو وتين. مون کي

جو ڪيريئر تہ خراب ٿي ويندو پر سڄي حياتي تباه ٿي ويندي. مونکي خبر ته هنکي چاڻڪري پنهنجي لاءِ مصيبت ٿي پرايان، مون سان گڏ ستل هئي، الاجي ڪيڏيءَ مهل اٿي، وڃي آپ گهات ڪيو اٿس.

هن سان وڌيڪ بحث ڪرڻ جو جواز نہ هو ۽ نہ وري ٽائيم هو. سو هن مان هٿ ڪڍي يڪدم ڊاڪٽر ڏانهن هيٺ لهي. حد چاوڙيءَ جي هئي، سو سڌو ٿاڻي تي آيس. چاوڙيءَ جو صوبيدار جيتوڻيڪ منهنجو پڙهي پائي هو، ليڪن ڪيترائي دفعا هڪ ٻئي سان الجهي چڪا هئاسين. انهيءَ وقت ٿاڻي تي ڪونہ هو. گهر هو، گهر اتيئي پوليس جي ڪوارٽرن ۾ هوس. ڪيس گهرايم، ۽ چيومانس تہ فرسٽ رپورٽ لک. پڇڻ لڳو تہ واردات ڪهڙي آهي. ٻڌايومانس تہ صبح جو جيئڻ ڪير وٺڻ لاءِ هيٺ لٿس تہ ماڙيءَ جي ڏاڪڻ تي هڪ عورت جنهن جي هٿ ۾ ڇري هئي، پاڻ کي آپگهات لاءِ نڙگهٽ، وڍيو ويٺي هئي، منهنجي پڇڻ تي مونکي چيائين: ”پوليس کي وٺي اچ آئون انهن کي سڀڪجھ ٻڌائڻ چاهيان ٿي“. قانون بہ ائين ٿو چوي، سو آئون سڌو هتي آيو آهيان. اهي بہ اڪر فرياد طور داخل ڪيو، پوءِ پلي جانچ ڪيو، پاڻيهي ڪير ۽ پاڻي جدا ٿي ويندو.

صوبيدار چيو تہ اتي ٿا هلون ۽ سر زمين تي هلي ٿا فرياد لکون. تنهن مون چيو تہ نہ جيڪو مون چيو آ، اهو هتي لک، باقي سر زمين تي. هيءُ همراه جيڪو

انهيءَ وقت ڪراچيءَ ۾ هنگاما ۽ ايجيٽيشن چالو ٿي پيا ۽ لاهور مان به اهڙيون خبرون اچڻ لڳيون. منهنجي خيال ۾ ته اهي ورهاڱي ڪانپوءِ ٿيندڙ پهريان هنگاما هئا. جيئن ته منظم نموني سان گڙٻڙ ڪئي پئي وئي ۽ ان ڪري منهن ڏيڻ پوليس کي ڏاڍو ڏکيو پئي لڳو، پوليس کي اڳ ۾ اهڙيءَ ڳالهه کي منهن ڏيڻ جو خاص تجربو ڪونه هو تنهنڪري پنهي شهرن ۾ گهڻو نقصان ٿيو. جيئن ته هي سياسي هنگاما هئا سو حڪومت جي ملڪيت خاص طور بسين کي گهڻو نقصان پهچايو ويو. انهن ڳالهين کي منهن ڏيڻ لاءِ انهيءَ وقت جي حڪومت فيصلو ڪيو ته پوليس آفيسرن کي ولايت موڪليو وڃي جتي هنگامن کي ڪيئن منهن ڏجي انهيءَ قسم جي سکيا وٺي اچن. انهيءَ مقصد لاءِ ڪراچيءَ مان مون کي ۽ لاهور مان چوڌريءَ اشرف کي چونڊيو ويو. اسان کي آرڊر مليا ته حڪومت جي خرچ تي برطانيه جي مشهور اسڪاٽلينڊ يارڊ پوليس اڪيڊمي ۾ ٽريننگ حاصل ڪريون آئون اوڏانهن وڃڻ جي تياريءَ ۾ مشغول هوس، ۽ ٻاگل کي به پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ جو ارادو هئم ته اوچتو يوسف فوت ٿي ويو. انهيءَ ڪري زال سوڙو ڳوٺ ويس. هونئن ته مرحوم هيستائين اسان سان ڪوبه واسطو نه رکيو هو. جيتوڻيڪ اسان پنهي ڄڻن ڪيس ويجهي ٿيڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئي، پر شايد پاڻ سندس مري ويل مائٽن جو مون کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۾ نڪتا ليڪن تقريبا ٻه ميل پنڌ جا گڏ هلي چڙ و چڙ ٿي ويا. ٻه ٻيري ٻه ٻيرن جي پرگھور ۾ آهن. پوليس جو ايترو عملو ڪونهي جـو سندن ناڪا بندي ڪئي وڃي.

جن ٺئين ڪوٽ جو شهر ڏنو هوندو، تن کي خبر هوندي ته ٺئون ڪوٽ ٿرپارڪر جي ٿر واريءَ ايراضي ۽ برانچ واريءَ ايراضيءَ جي دنگ تي آهي. ڪچن وارو ڳوٺ ٺئين ڪوٽ کان برانچ واري پاسي ٽن ميلن جي پنڌ تي هو، ڌاڙيوال ٻه برانچ واري پاسي نڪتا هئا، نه ڪه ٿر واري پاسي، ٿرپارڪر وارو ضلعو هوندن ٻه وڏو ضلعو آهي. آدم شماري گهٽيل نه آهيس، انهيءَ ڪري ٿاڻا ٻه پري پري هئا، انهيءَ وقت ٻين ٿاڻن تان پوليس گهرائي ناڪا بندي ڪرڻ وس کان ٻاهر هئي، جيستائين پوليس اچي تيستائين هي الاجي ڪٿي وڃي پهچندا.

ٿوري دير کان پوء ٻيري ٻه ناڪام واپس موٽـي آيا. پنهنجي حد جي سڀني ڳوٺن کي هوشيار رهڻ جو صوبيدار حڪم ڏئي آئون واپس ٿاڻي تي موٽـي آيس. اتان ٽيليفون ذريعي سڀني ٿاڻن تي چوڪس رهڻ ۽ ڏينهن رات پيٽرولنگ ڪرڻ جو حڪم ڏئي آئون واپس حيدرآباد وريس. جيتوڻيڪ مون اجان چارج نه ورتي هئي. ليڪن منهنجي پوسٽنگ جي سڀني ٿاڻن تي خبر هئي، انهيءَ ڪري پڪ هيم ته حڪم جي بجا آوري ضرور ٿيندي.

حيدرآباد ۾ مون کي هڪڙو ڏينهن لڳي ويو. ٻي

قول، پنهنجي طور تي هيءُ به صحيح چئي رهيو هو ۽ منهنجو به دماغ چڪرائجي ويو هو. ليڪن انهن ڳالهين سان مسئلو ته حل نٿو ٿئي.

ڪنريءَ جو شهر منهنجو به ڏٺل هو، انهيءَ ۾ اي ڪلاس جو ڏاڏو به هو، رسيور منهنجي ڪن تي هو اکيون منهنجون مسٽر ڊسوزا تي ڪتل هيون، جڏهن منهنجي خيالن ۾ وڏو خوش قسمت هو، جو هڙو مونجهارو منهنجي منهن ۾ هٿي پاڻ عزت سان وجي رهيو هو ۽ منهنجو دماغ چرخيءَ وانگر ڦري رهيو هو. ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه پئي آئي. آپريٽر هلو ــ هلو ڪري سنڌس لائن تي موجود هئڻ جي ياد ڏياري ڪانٽس مون پڇيو ته انهيءَ لائن مين ڪي تون ذاتي طور تي سڃاڻين ۽ سندس آواز مان سڃاڻي سگهين ٿو ته اهو واقعي لائن مين آهي چيائين ته نه، جيڪڏهن ڪنريءَ جو آپريٽر هجي ها ته آئون آواز مان تصديق ڪري ٿي سگهيس. ليڪن هيءُ لائن مين آهي. هنن سان اسان جو گهٽ واسطو ٿو پوي. ان ڪري آئون ڪجهه چئي نٿو سگهان، يڪدم چيومانس ته لائن مين کي لائن تي بيهاري ڌوهان جي سپروائيزر کي مون سان ڳالهراءِ.

مون کي خبر هئي ته انهيءَ وقت ٽيليفون ۽ ٽيليگراف جو وڏي ۾ وڏو آفيسر ميرپور خاص ۾ سپروائيزر هو، آپريٽر يڪدم مون سان سپروائيزر کي ڪنيڪٽ ڪرايو انهيءَ کي چيم ته ڪنريءَ جي لائين مين سان رابطو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي هٿن ۾ ڪٺي وڏيءَ جوابداريءَ جهڙو ڪم ڪيو هئم. ٻيءَ حالت ۾ اهو مٿي جو سور ڪنهن ڊي. ايس. پي يا پنهنجي ايڊيشنل جي حوالي ڪري آئون پنهنجي آفيس ۾ سڪون سان ويٺو هجان ها. اصل ۾ مون کي اسڪاٽلينڊ يارڊ جي ٽريننگ جو مٿي ۾ خمار هو، اتي جو ڪجهه سيکاريو ۽ سمجهائيو ويو هو سو سڀ جديد شهرن ۽ اتي جي ماحول مطابق هو هتي الٽو معاملو هو.

هٿ تي هٿ رکي ويهي رهڻ يا نئين ڏاڙي جو انتظار ڪرڻ ڪا سٺي ڳالهه ڪانه هئي. انهيءَ ڪري پيرين کي مون چيو ته هتان ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي توهان چارئي ڄڻا پاڻ ۾ صلاح ڪري مختلف ويجهن شهرن ۾ ٽڙي پکڙي وڃو جن جن ماڻهن جا توهان پير کنيا آهن اهي توهان جي ذهن ۾ هوندا تي سگهي ٿو ته اتي ڪو پير توهان کي ملي وڃي ۽ مطلب جي بجا آوري ٿي پوي. اهو ضروري نه آهي ته هڪڙي ئي شهر ۾ توهان سڄو ڏينهن پير ڳوليندا وتو انهيءَ ڪري هڪڙي شهر مان ٻيو شهر ۽ ائين جدا جدا شهرن کي وڃي چيڪ ڪيو پيرين کي اها رٿ وڻي سو يڪدم روانا ٿي ويا ويندي مهل کين تاڪيد ڪيم ته هتي اچڻ جي توهان کي ڪا ضرورت نه آهي هر شام جو ڪنهن نه ڪنهن ٿاڻي تان رپوٽ ڏيندا رهو ته جيئن مون کي توهان جي ڪارگذاريءَ جي خبر پوي ۽ ڪا وڌيڪ خبر يا ضرورت پوي ته توهان سان رابطو قائم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه پڪ هيم ته هنن جو نقصان ٻه ڪونه ٿيو هوندو. ڇاڪاڻ جو فائرنگ ٻنهي پاسي ڏکي جي هئي، رڳو ڇاپيءَ تي بندوقون پئي ڇٽيون.

اسان کي گهيري کي قائم ڪئي چوويهه ڪلاڪ ٿيڻ تي هئا ته گرگلن جي لڏي مان ٻه ماڻهو هڪ ڪانيءَ تي اڇو ڪپڙو جهنڊي طور چاڙهي لڏي مان ٻاهر نڪتا. جنهن مهاڙيءَ کان آيا هئا، انهيءَ طرف کان آءٌ اڳيئي ويٺو هوس. سو سپاهين کي فائرنگ کان منع ڪري، هڪ سپاهي کي ساڻن ڳالهائڻ لاءِ موڪليم. جنهن موٽي ٻڌايو ته سائين چون ٿا ته اسان جو سردار توهان سان ملڻ ٿو چاهي. ۽ درخواست ڪئي اٿس ته اتي اچي ساڻس ملو. مون کين چوائي موڪليو ته آڏون بالڪل ملڻ لاءِ تيار آهيان. اتي وٽس هلڻ لاءِ ٻه مون کي ڪو اعتراض نه آهي، ليڪن مونکي يقين ڏياريو وڃي ته ڪنهن به قسم جي چال بازي، ٺڳي يا بدمعاشي ته نه ٿيندي. قاصد هڪ دفعو واپس گهرن ڏانهن مڙي ويا، تيسين مون سپاهه کي هوشيار رهڻ جو حڪم ڏنو. اهڙي ريت جو هڪڙي سپاهيءَ پئي کي ٻڌايو ۽ چوڏاري خبرداريءَ جو پيغام پهچي ويو.

قاصد وري موٽي آيا ۽ چوڻ لڳا ته سائين ڪابه شرارت نه ٿيندي، هونئن ٻه مون سوچيو ته هيءُ هاڻي ڇا ٿا ڪري سگهن. هيتريءَ پوليس سان مقابلو نه ڪري سگهندا، منجهن مقابلي جي ايتري قوت هجي ها ته رات

ڊيوٽيءَ تي هوس. ليڪن تون ياد رک توهان مان ڪو به
ماڻهو ٻچي نه سگهندو. تون مون کي ايترو بيوقوف نه سمجهه.
اهي ڳالهيون مون ڪيس سڪون ۽ نرميءَ سان سمجهايون
تنهن کان پوءِ چوڻ لڳو ته پلا ڏيتيءَ جي ڳالهه ڪر
مون ڇيو مانس ته ڏيتي ليتي چاجي . همراهه يڪدم
ڪرسي تان اٿي غاليچي ۽ گام جي هڪڙي ڪنڊ اٿلائي
ته هيٺ زمين جي مٿاڇري تي ڪاٺ جو تختو پيو هو
انهيءَ کي کنيائين ته هيٺ کڏو ڏسڻ ۾ آيو اتاهين
ڇڪي هڪڙي ٿيلهي ڪڍيائين جيڪا ڇڱي موچاري
وزن دار هئي. ٿيلهيءَ کي ڪڍي آڏي ميز تي الٽو
ڪيائين چار پنج سير سون جو ذخيرو هو. جنهن ۾ ٻه
سونيون مورتيون ٻه هيون. ٿيلهيءَ کي ميز تي خالي
ڪرڻ کانپوءِ پاڻ واپس ڪرسيءَ تي اچي ويٺو ۽ منهنجي
منهن ۾ نهارڻ لڳو. سونين مورتين مون کي وڌيڪ
سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو. جيڪي يقيناً ڪنهن مندر
مان چورايل هيون. ليڪن اهي مندر هتي جا ٿي نٿا
سگهن. هونئن به آئون ڪائنس سندس هسٽري پڇڻ جي
جستجوءِ ۾ هوس سو موقعو ڏسي کيس چيم ته معاف
ڪجو مون هيستائين توهان جو نالو به نه پڇيو آهي .
ٿي سگهيو ته ان سان گڏ پنهنجي باري ۾ مڪمل
ڪوائف ٻڌايو، آئون مڃان ٿو ته توهان کي سچ سچ
ٻڌائڻ ۾ تڪليف ٿيندي ليڪن بهتر اٿئن ٿيندو ته توهان

هئي مون کيس دلداري ڏئي همٿ ٻڌرائي ۽ چيو مانس ته تون فڪر نه ڪر آئون توکي ترت ئي تنهنجن مائٽن وٽ موڪلي ڇڏيندس پر ٻڌاءِ ته هيءُ سڀ ڇا ٿيو. چوڻ لڳي ته شير سنگهه، پنهنجن ماڻهن کي چيو هو ته توهان هڪڙي پاسي پوليس تي دٻاءُ رکي فائرنگ ڪيو ته اسان ٻئي پاسي کان نڪري وڃون. تنهن ڪانپوءِ توهان فائر بندي ڪري پيش پئجو، انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو چارو ئي نه آهي توهان تي ڪيس هلندو پوءِ ٿوري يا گهڻي وقت ڪانپوءِ آزاد ٿي ويندا. ليڪن بدقسمتيءَ سان مارجي ويو. مون شير سنگهه جي تلاشي ورتي ته مون کي وٽانئس هڪ روالور ۽ هڪ دستاويز قسم جو ڪاغذ هٿ آيو. جنهن تي ليڪا پاتل هئا. سڄ ايرڙ شرط ڏاڙيوالن پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو سندن اسلحو وغيره گڏ ڪري قبضي هيٺ آڻي آئون سڌو وڏي تنبوءَ ۾ ويس جتي شير سنگهه جي رهائش هئي، غاليچو ۽ گلم هٽائي، زمين تان تختو ڪنيم ڪڏ خالي پئي هئي منجهس ڪا شيءِ ڪانه هئي. هيتري دولت وٺي ڪيڏانهن مون کي باهه وٺي ويئي. پوليس جي ذريعي هرهڪ ماڻهوءَ سان مون تشدد ڪيو، ڪين ماري ماري اڌوڙي ڇڏيو سين ليڪن ڪابه خبر نه پئي چندراوتيءَ کان به پڇا ڪيم، اها به انڪاري هئي، مون پنهنجن اکين سان دولت ڏٺي هئي آخر ويئي ڪيڏانهن، انهيءَ مارڪيٽ ۾ پڇا ڳاڇا ۾ به پهر ٿي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. پوءِ ويھي مون کي نقشو سمجھائڻ لڳي نقشي تي به نشان هئا جن بابت چيائين ته هي ڪئنال تي بيٺل به وڻ آهن انهيءَ مان وڏي وڻ کان انداز ً پنجاهه قدم پري وڻ جي باالڪل سڌ ۾ تي بيھو پوءِ ٻئي وڻ کي پنجيتاليهه ڊگريءَ تي رکي اتي کوٽيو ته توهان کي مال سڀ ملي ويندو زمين کي وڌيڪ کوٽڻ جي ضرورت ڪانهي صرف ٽي فٽ ڪن کوٽجو.

انهيءَ ڏينهن توهان جي موٽي وڃڻ کانپوءِ شير سنگهه گھڻيءَ سوچ ويچار کانپوءِ پنهنجي ماڻهن کان لڪي اهو مال اتي دفن ڪيو هو پوءِ نقشي تي نوٽ ڪري اٿين ئي مارجي ويو. مون کي ان وقت به نقشي بابت خبر هئي ليڪن منهنجو توهان ۾ اعتبار نه هو، مون کي اهو يقين نه هو ته توهان مون کي با امانت واپس ڪندا. توهان جڏهين ڳوٺ مون کي وٺي آيا ته مون وجهه وٺي توهان جي ڪپڙن مان اهو ڪاغذ حاصل ڪري ورتو. توهان کي جس هجي، توهان منهنجي عزت ڪئي ۽ مان رکيو، مون انڊيا ۾ وڃي بابا سان نقشي جي ڳالهه ڪئي بابا پاڻ ويو سو وڃي اتي وارو لڪل خزانو ڪڍائي آيو. اها امانت هتي جي ئي ڪنهن ماڻهوءَ جي حوالي ڪئي ويئي آهي. هي منهنجا مهمان هئا ۽ هونئن به هنن سان منهنجي گهاٽائي تي ويئي هئي ڪجهه وقت کانپوءِ انڊيا هليا ويا.

مون کي هندستان واري امانت به ملي ويئي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتان واري ملڪيت بہ ڳولي لڌيم مال گھڻو هو ايترو جو ڳاڻيٽي کان بہ ٻاهر منهنجون پيڙهيون بہ کپائين تہ بہ خرچ نہ ٿيون ڪري سگهن ايتريءَ اڻ مٽيءَ دولت هوندي مون کي وڌيڪ نوڪري ڪرڻ پسند نہ آئي سو وقت کان بہ اڳ پينشن تي لهي ويس ننڍي هوندي جا ڏک ۽ ڏولانجا اڄ بہ مون کي ياد آهن بلڪ اڪر بہ اکر ياد آهن انهن پڄاڻان، مون کي مليو بہ گھڻو ڪجھہ، جنهن جو ڪو بہ ماڻهو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگھي.

—۞— پورو ٿيو. —۞—

سنڌ ڪتاب گهر ڪراچي جو نئون ڪتاب

# ”لوڏڪي“

مصنف :

الهڏنو ڪاڪا

هي ناول ڇپائي هيٺ آهي ايجنٽن ۽ خريدارن کي گهرجي ته پنهنجا آرڊر جلد بڪ ڪرائين.

## سنڌ ڪتاب گهر

ائڊريس :

پوسٽ باڪس نمبر ٦٩٣٤ ڪراچي : ٢

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي علم ۽ ادب جي تاريخ ۾ ٻهريون ڀيرو
شايع ٿي رهيون آهن.

# يوناني ڏند ڪٿائون

تحقيق ۽ تاليف
يوسف شاهين

[ڇپائي ۾ هيٺ]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* ڇا اوهان کي ڪو به سنڌي ٻوليءَ جو ڏيهي يا پرڏيهي ڪتاب گهرجي؟ ته اسان کي لکو اسان وي - پي ڪري موڪلينداسين.

* يا ڪو ڪتاب ڇپرائڻو آهي؟ ته اسان سهڪار ڪنداسين.

وڌيڪ ڄاڻ لاءِ لکو:


## سنڌ ڪتاب گهر

پوسٽ باڪس نمبر ٦٩٣٤ ڪراچي ٢.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



واحد آرٽ پرنٽنگ پريس اڪبر روڊ ڪراچي

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book